خبرنامو

2022

# سنڌي ادبي بورڊ

جلد ٻيو- شمارو-1

سرپرست اعليٰ

**مخدوم سعيد الزمان "عاطف"**

ايڊيٽر

سيد سڪندر علي شاهه



# بورڊ طرفان ٽہ روزه ڪتابي ميلو




قبلا مخدوم سعيد الزمان "عاطف" چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ
بورڊ آف گورنرس جي معزز ميمبرن سان
ڪتابي ميلي جو افتتاح ڪندي

# سنڌي ادبي بورڊ جو تعارف

ڊاڪٽر اسد جمال پلي

سنڌي ادبي بورڊ 1951ع ۾ قائم ٿيو. ان کان پهرين 1950ع ۾ هاءِ پاور ايگزيڪيوٽو ڪميٽي فار سنڌي لٽريچر قائم هئي. هيءَ اعليٰ اختيارن واري ڪميٽي ”سنڌي ادب لاءِ صلاحڪار بورڊ“ جيڪو آگسٽ 1940ع ۾ قائم ٿيو هو انهي جي رٿن ۽ فيصلن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ قائم ٿي هئي. اڳتي هلي ”سنڌي ادب لاءِ صلاحڪار بورڊ“ کي ختم ڪيو ويو ۽ هاءِ پاور ايگزيڪيوٽو ڪميٽي فار سنڌي لٽريچر جي ميمبرن جو تعداد ستن مان وڌائي يارنهن ڪيو ويو ۽ ان کي سنڌي ادبي بورڊ جو نالو ڏنو ويو. هيءُ اِهو بورڊ آهي جيڪو هِن وقت قائم آهي. بورڊ جي نهڻ وقت ان جو چيئرمين جناب آغا غلام نبي پٺاڻ وزير تعليم سنڌ هو. ان کانپوءِ قاضي محمد اڪبر صاحب وزير تعليم ٿيو ته پاڻ بورڊ جو چيئرمين ٿيو. 1954ع ۾ بورڊ جي نئين سر تشڪيل ٿي ۽ وزيراعليٰ سنڌ جناب محمد ايوب کهڙو صاحب بورڊ جو چيئرمين مقرر ٿيو. ان بعد 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي هڪ خودمختيار اداري جي حيثيت ملي ۽ ان جي ڪم ڪار هلائڻ لاءِ آئين منظور ڪيو ويو. هن نئين جوڙجڪ ۾ به کهڙو صاحب بورڊ جو صدر ۽ سائين جي ايم سيد نائب صدر مقرر ٿيا. سيپٽمبر 1961ع ۾ بورڊ جي ٻيهر نئين جوڙجڪ ٿي ۽ حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر محترم نياز احمد کي نومبر 1961ع تائين ٽن مهينن لاءِ بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو.

13 نومبر 1961ع کان پهريون ڀيرو سنڌي ادبي بورڊ ۾ عوامي وابستگي ۽ نمائندگي جو دور آيو ۽ ڪنهن سرڪاري عهديدار بجاءِ سنڌ جي عوام جي محبوب نمائندي سنڌي ادب جي بي لوث خدمتگذار قبله مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ صاحب کي سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. پاڻ اڳ ۾ به 1955ع ۽ 1961ع ۾ بورڊ جا ميمبر رهي چڪا هئا. پر هڪ خودمختيار اداري جي خودمختيار چيئرمين جي حيثيت سان پهريون دفعو بورڊ جو انتظام سنڀاليائون.

اهڙي طرح قبله مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جن پهريون دفعو 13 ـ نومبر 1961ع کان 1968ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين ٿيا. ان بعد 1968ع کان 1972ع تائين ٻيون دفعو چيئرمين ٿيا. ٽيون دفعو 1972ع کان 1974ع تائين پاڻ هي اهم ذميواري سنڀاليائون ۽ چوٿون دفعو 1974ع کان 1977ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين رهيا. ڪجھ سالن بعد پنجون دفعو قبله مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين 1989ع کان 1991ع تائين چيئرمين ٿيا ۽ ڇهون دفعو 1991ع کان 1993ع تائين پاڻ چيئرمين مقرر ٿيا ۽ هن عرصي دوران 11 ـ جنوري 1993ع تي قبله سائين جي وفات حسرت آيات ٿي.

قبله سائين جن جي هن جهان مان بهتر جهان ڏانهن سفر بعد مختلف چيئرمينن وٽ بورڊ جون واڳون رهيون. 4 جون 2010 کان 11 مارچ 2014ع تائين پهريون دفعو ۽ 12 مارچ 2014 کان 7 مارچ 2019 تائين ٻيون دفعو قبله مخدوم جميل الزمان ”جميل“ سائين سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين رهيا ۽ 8 مارچ 2019ع کان قبله مخدوم سعيد الزمان ”عاطف“ صاحب جن بورڊ جا چيئرمين آهن.

مخدوم سعيدالزمان ”عاطف“ جي چيئرميني واري دور ۾ ”سنڌي ادبي بورڊ“ ۾ جيڪي اهم ڪم ڪار ٿيا انهن جا تفصيل روز روشن جيان نمايان آهن. جنهن جو ڪجھ حصو اسان سنڌي ادبي بورڊ جي ٽي ساله ڪارڪردگي ۾ ڄاڻايو آهي. موجوده ٽن سالن ۾ اسان جا ٻه نيوز ليٽر اڳ ۾ شايع ٿي چڪا آهن. هن ٽئين نيوز ليٽر ۾ باقي ڪيل ڪمن جو تفصيل شامل ڪريون ٿا.

(الف) **مشاعرو:**

خميس ڏينهن 13 جنوري 2022ع تي آل سنڌ سنڌي مشاعرو مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿيو. هن مشاعري جي صدارت محترم نذير ناز صاحب (ميمبر بورڊ آف گورنرس سنڌي ادبي بورڊ) ڪئي جڏهن ته مهمان خاص محترم

ممتاز ڀٽو صاحبہ (ميمبر بورڊ آف گورنرس سنڌي ادبي بورڊ) جن هيون. محترمہ مريم مجيدي صاحبہ ۽ محترمہ رخسانہ پريت چنڙ کي اعزازي مهمان طور اسٽيج تي ويهاريو ويو.

(ب) ڪتابي ميلو:

تاريخ 13_14 ۽ 15 فيبروري 2022ع تي ٽن ڏينهن جو ڪتابي ميلو منعقد ڪيو ويو. موجود ٽن سالن ۾ باوجود ڪرونا جي افراتفري جي هيءُ ٽيون ڪتابي ميلو هئو. هن ٽن ڏينهن جي ڪتابي ميلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ کان علاوه سنڌ ۽ خاص طرح حيدرآباد جي ڪيترن ئي ادبي ادارن ۽ پبلشرن طرفان دُڪان سجايا ويا ۽ سنڌي ڪتابن جو وڪرو ٿيو.

(ج) سنڌي ادبي بورڊ جي سابق چيئرمينن کي سندن خدمتن عيوض پيڙا

هيءُ شاندار پروگرام 13_14 ۽ 15 فيبروري تي سنڌي ادبي بورڊ جي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿيو.

(1) تاريخ 13 فيبروري تي سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ادبي ڪانفرنس جي صدارت جناب مخدوم سعيد الزمان عاطف صاحب ڪئي. مهمان خاص جناب شبير "هاتف" شاهہ صاحب ۽ اعزازي مهمان جناب سرفراز راجڙ صاحب ۽ جناب مختيار ملڪ صاحب جن هئا. هن ڪانفرنس کي ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب ۽ ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ صاحب پڻ خطاب ڪيو. هن موقعي تي جناب قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي حياتي تي هڪ تعارفي آڊيو_ وڊيو ڊاڪيومينٽري پڻ پيش ڪئي وئي.

(2) ٻئي ڏينهن 14 فيبروري تي ٻہ نشستون ٿيون. پهرين نشست جي صدارت جناب شبير هاتف صاحب ڪئي ۽ هيٺين چيئرمينن تي ڳالهايو ويو.

| چيئرمين | مقرر |
|---|---|
| سيد ميران محمد شاهہ | سحر امداد جو مقالو اختصار گلبدن جاويد مرزا پڙهيو |
| آغا غلام نبي پٺاڻ | لکيل تعارف نصير مرزا صاحب پڙهيو |
| قاضي محمد اڪبر | لکيل تعارف نصير مرزا صاحب پڙهيو |
| جناب محمد ايوب کهڙو | محترمہ ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو صاحبہ |

ٻي نشست جي صدارت: ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ صاحب ڪئي ۽ هيٺين چيئرمينن جي خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

| چيئرمين | مقرر |
|---|---|
| علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب | ڊاڪٽر قاضي خادم صاحب<br>پروفيسر نذير قاسمي صاحب |
| ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب | ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب |

| | |
|---|---|
| سيد حسين شاهہ راشدي | سندن پروفائل محترم نصير مرزا صاحب پڙهيو |
| جناب نياز احمد (سابق ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن) | سندن پروفائل محترم نصير مرزا صاحب پڙهيو |
| جناب عرفان الله مروت صاحب | سندن پروفائل محترم نصير مرزا صاحب پڙهيو |
| جناب ارباب غلام رحيم صاحب | سندن پروفائل محترم نصير مرزا صاحب پڙهيو |

<u>ٽيون ڏينهن</u>

پهرين نشست جي صدارت محترم ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب ڪئي ۽ هيٺين چيئرمينن جي خدمتن تي داد تحسين ڏنو ويو.

| چيئرمين | مقرر |
|---|---|
| محترم محمد ابراهيم جويو صاحب | محترم تاج جويو صاحب |
| جناب عبدالحميد آخوند صاحب | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي صاحب |
| جناب غلام رباني آگرو صاحب | ڊاڪٽر ريحانہ نظير صاحبہ<br>ڊاڪٽر الطاف جوکيو صاحب |

ٻي نشست جي صدارت محترم ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب ڪئي ۽ هيٺين چيئرمينن جي خدمتن تي داد تحسين ڏنو ويو.

| چيئرمين | مقرر |
|---|---|
| مخدوم جميل الزمان "جميل" صاحب | محترم مخمور بخاري صاحب |
| جناب پير مظهر الحق صاحب | محترم پير راحيل صاحب |
| محترمہ ڊاڪٽر حميده کهڙو صاحبہ | محترم فهيم نوناري صاحب<br>ڊاڪٽر تهمينہ مفتي صاحبہ |

هنن تحسيني نشستن ۾ بورڊ جي تازو ڇپايل 15 ڪتابن جي رونمائي پڻ ڪئي ويئي.

(د) افتتاح

(1) بورڊ جو جهنڊو

(2) باب جي ايم سيد بورڊ جو مُک دروازو

(3) مخدوم جميل الزمان ”جميل“ ڊسپلي سينٽر

* محمد ابراهيم جويو ڊسپلي هال

* علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ريڊنگ روم

(4) بورڊ جي نئين آفسيٽ پرنٽنگ مشين جو افتتاح

(هه) پيڙهه جو پٿر :

محترم چيئرمين صاحب طرفان بورڊ جي اينڊڙ پروگرام تحت هيٺين پروجيڪٽس جي پيڙهه جا پٿر رکيا ويا.

(1) سيد ميران محمد شاهه انتظاميه بلاڪ

(2) شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ريسرچ لائبريري

(3) شهيد بينظير ڀٽو اسڪالر هاسٽل

(4) ملازمن لاءِ رهائشي ڪواٽرس

## سنڌي ادبي بورڊ ۾ منعقد ٿيل مختلف تقريبن جو البم










# مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس تي بورڊ جو جهنڊو ڦڙڪائي افتتاح ڪيو

## چيئرمين بورڊ آف گورنرس جي اجلاس ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي جهنڊي جي رٿ پيش ڪئي جيڪا يڪراءِ سان منظور ڪئي

ڄام شورو : سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘هيڊ آفيس ڄام شورو پهچي، سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ بورڊ جي جهنڊي جو افتتاح ڪيو. چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ ڊسمبر جي مهيني ۾ ٿيل بورڊ آف گورنرس جي اجلاس ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي جهنڊي جي رٿ پيش ڪئي هئي جيڪا رٿ بورڊ آف گورنرس يڪراءِ سان منظور ڪئي هئي. ان سلسلي ۾ چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جو چوڻ هو تہ سنڌي ادبي بورڊ قومي ادارو آهي ان لاء ان جو جهنڊو هجڻ گهرجي جنهن کي سڀني ميمبرن ساراهيو. سنڌي ادبي بورڊ جي احاطي ۾ جهنڊي جي افتتاحي تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ڊاڪٽر اسد جمال پلي، سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري سيد سڪندر علي شاهہ، گلبدن جاويد مرزا، ائڊمنسٽريٽو آفيسر



چيئرمين بورڊ مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ جهنڊي جو افتتاح ڪري رهيا آهن. ان موقعي تي دعا پڻ گهري پئي وڃي

گل حسن درس سروري ۽ اڪائونٽس آفيسر محمد رحيم نوحاڻي، سليم اختر پيرزادو، غلام حيدر ڪڇي، مير علي شاهہ ڪاظمي، ڄام سپڙ رونجهو دبير مرزا، حافظ احمدالدين انيڙ پڻ ان موقعي تي موجود هئا ۽ ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. افتتاحي تقريب دوران ڳالهائيندي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ چيو تہ اسان اديبن، شاعرن، صحافين، سول سوسائٽي سميت انهن سمورن ماڻهن جا شڪر گذار آهيون، جن سنڌي ادبي بورڊ جي جهنڊي واري عمل کي ساراهيو مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ ان عزم کي ورجايو تہ سنڌي ادبي بورڊ صرف هڪ اشاعتي ادارو آهي بلڪ نون ۽ ري پرنٽ ڪتابن جي ڇپائيءَ سان گڏ اداري جي آئين ۾ علمي، ادبي، تحقيقي سيمينار، مشاعرا ۽ ان مناسبت سان ٻيا پروگرام ڪرائڻ بہ شامل آهن ۽ اداري کي ان جي آئيني حدن اندر هلائڻ لاءِ اسان هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين. مخدوم سعيد الزمان ”عاطف“ چيو تہ جلد ئي سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻن چيئرمين صاحبان جي بورڊ لاءِ ڪيل خدمتن عيوض ڪين خراج پيش ڪرڻ لاءِ پروگرام ڪرايا ويندا. جنهن ۾ ناميارا اديب، عالم، شاعر سندن علمي ۽ ادبي خدمتن تي روشني وجهندا. ان موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ٽن ڏينهن جو ڪتابي ميلو بہ منعقد ڪيو ويندو. جنهن ۾ مختلف پبلشرن کي اسٽال لڳائڻ لاءِ دعوت ڏني ويندي.

## سنڌي ادبي بورڊ جي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ آڊيٽوريم ۾ ٿيل مشاعرو

# سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل شاعرن پنهنجي نڪور شاعري پيش ڪئي

مير علي شاهه ڪاظمي/ رفيق جمالي

ڄامشورو: تاريخ 13- جنوري 2022ع تي سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌي ادبي بورڊ ۾ قائم ٿيل مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ آڊيٽوريم ۾ مشاعرو ٿي گذريو. مشاعري جي صدارت بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ۽ ناليواري ليکڪ نذير ناز صاحب




ڪئي، جڏهن ته خاص مهمان بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو صاحب هئي، اعزازي مهمانن ۾ محترمه مريم مجيدي ۽ محترمه رخسانا پريت چنڙ شامل هيون. مشاعري ۾ سڄي سنڌ مان عورتن ۽ مرد شاعرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مشاعري ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان عاطف چيو ته اڄ اسان کي خوشي ٿي رهي آهي جو سڄي سنڌ مان اديب، شاعر، دانشور، قلمڪار هتي موجود آهن، جيڪو اسان جو پراڻو خواب ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو مقصد آهي، اسان اڳ ۾ به سنڌي ادبي بورڊ طرفان مشاعرو ڪرايو هو پر هن مشاعري سان جيڪا پذيرائي ملي آهي ان سان گهڻي اميد ظاهر ٿو ڪيان ته اديب، دانشور اسان جو هن عمل ۾ ساٿ ڏيندا ۽ اڳتي به اسان اهڙا ادبي پروگرام رٿيا آهن. مشاعري ۾ ناليواري شاعره ۽ سرتيون جي ايڊيٽر گلبدن جاويد مرزا پنهنجي آجياڻي تقرير ڪندي بورڊ جي موجوده دور جي ڪارڪردگيءَ تي روشني وڌي ۽ چيو ته سنڌي ادبي بورڊ هڪ پراڻو ۽ قومي ادبي ادارو آهي، مخدوم سعيدالزمان صاحب جي اچڻ ڪانپوءِ انهن اداري کي ترقي ڏيارڻ لاءِ وڏيون ڪوشش ڪيون آهن. مارچ 2019ع کان 2022ع تائين سندن اڳواڻي ۽ رهنمائيءَ سان بورڊ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي، اسان جا لوڪ ادب کان وٺي سنڌ جي تاريخ تي ٽن سالن ۾ 106 ناياب ڪتاب بورڊ ڇپايا آهن، جن مان 50 ڪتاب نوجوان شاعر ۽ اديبن جا آهن، اسان وٽ سينيئر ۽ جونيئر شاعرن جا ڪتاب پڻ ڇپجن ٿا، ويجهڙائيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو مُک دروازو بابِ جي.ايم.سيد جي نالي سان ٺهرايو ويو آهي، تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌي ادبي بورڊ جو جهنڊو ناهيو ويو آهي، ان سان گڏ بينظير ڀٽو اسڪالر هاسٽل ۽ شهيد

ذوالفقار علي ڀٽو ريسرچ لائبريريءَ جو قيام پڻ عمل ۾ آڻڻ لاءِ سنڌ حڪومت سان ڳالهيون ۽ لک پڙهہ جاري آهي، هن چيو تہ گرانٽ گهٽ آهي ان باوجود بہ بورڊ پاران گهڻا ڪم ڪرايا ويا آهن. مشاعري جي صدارت ڪندڙ آپا نذير ناز چيو تہ مون کي ادبي بورڊ اچي بيحد خوشي ٿئي ٿي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ جي عروج لاءِ قبلہ مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جو خواب هو اهو اڄ محترم مخدوم سعيدالزمان "عاطف" جي صورت ۾ پورو ٿي رهيو آهي، هن چيو تہ قبلہ طالب المولىٰ سائين جي اها تمنا هئي، تہ ادبي بورڊ جو نالو سڄي دنيا ۾ روشن ٿيئي. هن چيو تہ مخدوم سعيد الزمان "عاطف" سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين جي حيثيت ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي، سنڌي ادبي بورڊ ۾ سنڌ جو نقشو ٺهرائڻ، پارڪ کي وسيع ڪرڻ ۽ شاندار ڊولپمينٽ تعريف جوڳو عمل آهي، سنڌ جي نون لکندڙن جا ڪتاب ڇپرائڻ بہ هڪ وڏو شاندار عمل آهي. مخدوم سعيد الزمان "عاطف" جو بورڊ جي ٻين ترقياتي ڪمن سان گڏ هڪ اهم ڪم سنڌي ادبي بورڊ ۾ مخدوم طالب المولىٰ جي نالي سان هيءُ آڊيٽوريم آهي جنهن کي مڪمل ڪري پروگرام ڪرائڻ جي لائق بنايو آهي، جتي ڪيترائي پروگرام ٿيا آهن، جيڪي دنيا ليول تي ڏٺا ويندا آهن، اسان مخدوم صاحب جي هن ڪم جي ساراهہ ڪيون ٿا ۽ اميد ڪيون ٿا تہ اڳتي بہ بورڊ جي ترقي ۽ ملازمن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندا رهندا. ان کان اڳ مشاعري جي خاص مهمان ميڊم ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو خطاب ڪندي چيو تہ سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان هيءُ اجوڪو مشاعرو بورڊ جي خوبصورت پروگرامن جو تلسسل آهي، سنڌي ادبي بورڊ جي اها خوشقسمتي آهي جو هن جا اڪثر چيئرمين مخدوم خاندان سان تعلق رکن ٿا، مخدوم جميل الزمان



چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' مشاعري ۾ سامعين سان گڏ ويٺل

ادبي بورڊ ۾ ترقياتي ڪمن جو بنياد وڌو ۽ مخدوم سعيد الزمان عاطف هن کي پايہ تڪميل تي پهچايو آهي، جنهن ۾ آڊيٽوريم ۽ ٻين عمارتن جي تعمير ڪئي وئي آهي. ڪيئي خوبصورت آفيسن ٻاهران لان ۽ ڪيتريون ٻيون آفيسون زير تعمير آهن. پريس بهترين ڪم ڪري ٿي پئي. ماهوار 'سرتيون'، ماهوار 'گل ڦل' ۽ ٽماهي رسالو 'مهراڻ' پنهنجي وقت سر شايع ٿين ٿا، ڪتاب ڇپجن ٿا، سنڌي ادبي بورڊ سنڌ يونيورسٽي کي پنج ايڪڙ زمين جيڪا ادبي بورڊ سان گڏ آهي ان جي گذارش ڪئي

آهي جنهن ۾ هڪ عاليشان لائبريري ۽ ايم. فل ۽ پي. ايڇ. ڊي جي شاگردن لاءِ هاسٽل ۽ ڪجهه ڪمرا ٺهرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جيڪي ان لائبريري مان فائدو حاصل ڪندا ۽ ڪنويشن هال ٺهرائڻ جو به پروگرام رٿيو آهي، هتي وقت بوقت وڏا ادبي پروگرام ڪرايا ويندا جنهن ۾ هر طبقي سان لاڳو افراد شرڪت ڪن ٿا. اڄ جو مشاعرو به ان جي هڪ ڪڙي آهي. مشاعري جي ٻي خاص مهمان محترمه مريم مجيدي صاحبه خطاب ڪندي چيو ته سنڌي ادبي بورڊ جون ادب جي واڌ ويجهه لاءِ ڪيل ڪوششون ساراهه جوڳيون رهيون آهن. هن ادب جي واڌاري لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون آهن. خاص طرح



مشاعري ۾: نذير ناز، مريم مجيدي، ڊاڪٽر اسد "جمال" پلي، غلام حسين سڄاروي، نصير مرزا، گلبدن جاويد مرزا، حسين مسرت، ثمينه ميمڻ، نجم پنهور، نسرين الطاف، عربيه نور، انيلا ناز سومرو، اظهار سومرو، اعجاز ياٽيپوٽو، خليل "عارف" سومرو، عاشق سولنگي، احساس ميرل، نياز چانديو، اياز خليل چنجڻي، محمد ايوب جوڻيجو، رمضان ميمڻ، شاهه زمان ڀنگر، لطيف حيدر، ثاقب ابڙو، خطائي ٽيبو، جمن ڀٽي، اقبال شاهين، اڪرم بخارائي، فضل الله فدا چانديو، محمد حسن مصروف چانديو ۽ خالد راڄپر شعر پڙهندي

---

ڪتابن جي ڇپائي ۽ ادبي رسالن جو وقتائتو اچڻ هميشه سڦلتا ۽ مڃتا ماڻڻ وارو عمل رهيو آهي. ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ مشاعري کي خطاب ڪندي چيو ته اسان جي مانواري محترم چيئرمين قبله سعيد الزمان "عاطف" صاحب جن جي سرپرستيءَ ۾ جيڪي بورڊ ۾ اهم انقلابي ڪم ٿيا آهن. انهن ۾ ادبي سيمينار، ادبي ميڙاڪا، سگهڙ ڪچهريون، مشاعره ۽ تعزيتي گڏجاڻيون اهم آهن. نون ڪتابن جي اشاعت ۽ بورڊ مان نڪرندڙ ٽنهي رسالن جو وقت سر شايع ٿيڻ آهي، هنن سڀني پروگرامن سان نه صرف سنڌ جي قومي اداري سڄي سنڌ کي پنهنجو ڪيو آهي، پر سنڌ جي لکيل پڙهيل ۽ باشعور طبقي، اديبن ۽ شاعرن هن قومي اداري کي به پنهنجو ڪيو آهي، ڪيترن ئي نون لکندڙن رسالن ۾ لکڻ شروع ڪيو آهي ۽ ڪيترن ئي نون دوستن هنن پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ شروع ڪئي آهي، ايئن سنڌ جو هيءُ قومي ادارو هڪ گلدستي جيان ڄام شوري مان پنهنجي خوشبوءِ سان سنڌ کي واسي رهيو آهي. ناليواري شاعر خليل عارف سومري چيو ته اسان جي

مشاعري ۾ شريڪ ٿيندڙ اديبن، دانشورن ۽ ٻين شاعرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري پنهنجي نڪور شاعري پيش ڪئي. مشاعري بابت ڳالهائيندي چيو ته سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪرايل مشاعري ۾ شرڪت جو موقعو مليو. مشاعري ۾ سنڌي ٻولي جا شاعر مختلف شهرن کان آيل هئا. انتهائي شاندار مشاعرو ٿي گذريو. اڄ ڏکهي عرصي کان پوءِ ادبي بورڊ جو عاليشان پروگرام ڏسي محسوس ٿي رهيو آهي ته هاڻي سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي پراڻي اوج کي ضرور بحال ڪري وٺندو. ناليواري براڊڪاسٽر نصير مرزا پنهنجي ڪمپيئرنگ دوران ڳالهائيندي چيو ته ننڍي کنڊ ۾ اردو سان گڏ سنڌي مشاعرن جي شاندار تاريخ رهي آهي، 20 صديءَ جي ابتدا ۾ گدا شاهه، قليچ بيگ، مير عبدالحسين سانگي سوڏو ٻيا ڪيترائي شاعر هئا، جيڪي مشاعرا ڪندا هئا، پوءِ 'بزم خليل' ۽ 'بزم طلب المولىٰ' پاران شاندارن مشاعرن جي روايت پروان چڙهي، جنهن کان پوءِ ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ تي پڻ مشاعرا ٿيڻ لڳا، اڄوڪو هيءَ ميڙاڪو تاريخي مشاعرن جو تسلسل محسوس ٿي رهيو آهي، جنهن تي بورڊ چيئرمين مخدوم سعيد الزمان جي اڳواڻي ۽ رهنمائي ۾ ان جي پوري ٽيم جس لهڻي. مشاعري ۾ ڊاڪٽر عرفانه ملاح، امر سنڌو، فهيم نوناري، ڊاڪٽر رشيده پٽي ۽ ٻين شاعرن ۽ ليکڪن پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪرايل مشاعرو تحسين جوڳو ڪم آهي. اهڙا منعقد ڪيل پروگرام ادارن جي جياپي ۽ مانُ مرتبي کي وڌائڻ لاءِ تمام ضروري آهن. اهڙا پروگرام ڪرڻ سان ڪتاب پڙهندڙ شاعر ۽ اديب پڻ لاڀ حاصل ڪندا. سنڌي ادب ۾ سنڌي ادبي بورڊ جون ڪوششون قابل تحسين آهن خصوصاً مشاعرو انتهائي بهترين رهيو. انهي عمل سان اسان جي ادبي ڪيتر ۾ سرهائي ايندي انهي مثبت عمل سان معاشري جي بهتريءَ سان گڏ علم ۽ ادب جي خدمت ٿيندي. مشاعري ۾ ڊاڪٽر رخسانه پريت چنڙ، سائڻ نذير ناز، مريم مجيدي، گلبدن جاويد مرزا، ثمينه ميمڻ، نجمه پنهور، عربيه نور، سرور نواز ٻگهيو، گل تڪڙائي، خطائي ٽيبو، ياسمين چانڊيو، خليل عارف سومرو، شاه زمان پنگر، فدا حسين 'فدا' چانڊيو، ثاقب ابڙو، سليم چنا، آسي زميني، علي اصغر لاڙڪ، غلام حسين مشتاق سچاروي، راشد ابڙو، قاصر نواز ٻگهيو، نعيم ملڪ، محبوب سنڌي، ذوالفقار علي هالار، علي محمد درد سولنگي، لطيف حيدر، غلام رسول غرق، سجاد ميراڻي، عاجز چنو، طالب پنيرو، مجاهد مهڙ، علي اڪبر شائق ۽ ٻين نڪور تخليقون پيش ڪيون. مشاعري ۾ سنڌ جي مختلف شهرن کان گهڻن ليکڪ شاعرن، کان علاوه عام ماڻهن به شرڪت ڪئي. آخر ۾ نالي واري ليکڪ شاعر ۽ براڊڪاسٽر نصير مرزا پنهنجي خوبصورت انداز ۾ محفل جي پڄاڻي ڪئي.



مشاعري ۾ شريڪ سامعين

# بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نالي سان جديد لائبريري جي پيڙه جو پٿر رکيو

## قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نالي سان جديد لائبريري جو انعقاد ڪرڻ منهنجو خواب هو:مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘

## جديد ڪمپيوٽرائيزڊ لائبريري ثابت سان اديبن، دانشورن ليکڪن ۽ ريسرچ اسڪالرن ۽ نوجوانن لاءِ راهه هموار ٿيندي

ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نالي سان جديد لائبريري جي پيڙهه جو پٿر رکيو. خبر موجب سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ چيو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نالي سان جديد لائبريري جو انعقاد ڪرڻ منهنجو خواب هو جيڪو مون پيڙه



چيئرمين بورڊ مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جديد لائبريري جي پيڙهه جو پٿر رکيو ۽ بورڊ جي ملازمن سان گڏ دعا گهري

جو پٿر رکي ساپيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن پنهنجي 51 سالن جي مختصر زندگيءَ ۾ جيتري مقبوليت ۽ شُهرت ماڻي ايتري مقبوليت شايد ئي دنيا جي ڪنهن ليڊر کي نصيب ٿي هجي، قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو سنڌي ادبي بورڊ سان پراڻو تعلق هو جنهن پنهنجي دور ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي ان دور جي چيئرمين مخدوم طالب المولىٰ سائين کي پريس لاءِ جديد نيون مشينون ٻاهرين ملڪ مان گهرائي ڏنيون. بورڊ جي مهاڳي آڏوپيل زمين تي جديد ڪمپيوٽرائيزڊ لائبريري ثابت سان اديبن، دانشورن ليکڪن ۽ ريسرچ اسڪالرن ۽ نوجوانن لاءِ راهه هموار ٿيندي. ٻئي طرف چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ وزيراعلىٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه کي ڏيان ڇڪائيندي چيو آهي ته سنڌي ادبي بورڊ جيڪو سنڌ جو واحد قومي ادارو آهي جنهن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ لنڪ روڊ ۽ بورڊ اندر لاڳاپيل روڊ بلڪل تباهه ٿي چڪا آهن، جنهن جي ڪري اداري ۾ ايندڙ اديبن، دانشورن، ليکڪن ۽ ريسرچ اسڪالرن کي اچڻ وڃڻ ۾ تمام گهڻي ڏکيائي پيش اچي رهي آهي، جنهن لاءِ اداري کي هن وقت ڪارپيٽ روڊ جي فوري ضرورت آهي. موجوده وقت ۾ اداري جي مالي حالت ايتري بهتر ناهي جو اسان بورڊ جا روڊ ڪارپيٽ ڪرائي سگهون. اسان وزيراعلىٰ سنڌ کي خط پڻ لکيو آهي ته اداري جي لنڪ روڊ سميت بورڊ اندر موجود رستا به ڪارپيٽ ڪري ڏنا وڃن ته جيئن اچڻ وڃڻ وارن لاءِ آساني پيدا ٿئي، چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ وزيراعلىٰ سنڌ، صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز کاتو ۽ سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز کي لکيو آهي ته ورڪس کاتو پنهنجي نگراني ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو لنڪ روڊ ۽ بورڊ اندر موجود رستن جو تعميراتي ڪم پنهنجي نگراني ۾ ڪرائي ڏئي.



DAILY RULE
HYDERABAD
THURSDAY 20, JANUARY - 2022, JAMADI-UL- SAANI 16, 1443 Rs.5, PAGES - 4 VOL 4, ISSUE. 187
Foundation stone of a modern library Quaid-e-Awam Shaheed Zulfiqar Ali Bhutto
By Asad Qureshi
Daily THE AGE Karachi
Issue 141 — Thursday 20, January 2022, Jumadi-us-Sani 16, 1443 AH — Price Rs.
Makhdoom Saeed Ulzaman 'Atif' laid the foundation stone of modern library
جيجل
ڪاوش
عبرت
سنڌ
سنڌ ايڪسپريس
عوامي آواز
نجات
ايمان
جسارت
مقدمہ
پاسبان
امّت
ڪوشش
سوڀ

# بينظير ڀٽو جي شهادت نہ صرف سنڌ پر پاڪستان جو انتهائي وڏو نقصان آهي:چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘

## شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي خداداد ذهانت ۽ سياسي بصيرت جو سڄي دنيا اعتراف ڪيو آهي

## ماڻهو تہ گهڻائي آهن دنيا ۾ ايندا ويندا آهن پر ڪجھ ماڻهو اهڙا هوندا آهن جن کي تاقيامت تائين وساري نٿو سگهجي

## چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ سنڌ جي اديبن جي رهائش لاءِ شهيد بينظير ڀٽو جي نالي سان هاسٽل جي پيڙھہ جو پٿر رکيو




چيئرمين بورڊ مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ شهيد بينظير ڀٽو اسڪالر هاسٽل جو افتتاح ڪري دعا گهري رهيا آهن

ڄام شورو:سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ سنڌ جي اديبن جي رهائش لاءِ شهيد بينظير ڀٽو جي نالي سان هاسٽل جي پيڙھہ جو پٿر رکي ڇڏيو. ان موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي تہ بينظير ڀٽو جي شهادت نہ صرف سنڌ پر پاڪستان جو انتهائي وڏو نقصان آهي، جنهن جو پورائو ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهندو. سندس شهادت، سنڌ ۾ نئون ادب، شاعري ۽ ولولو پيدا ڪيو. شهيد بينظير ڪي دور حاضر جي شاعرن ۽ اديبن ”مارئي ملير جي“، ”سنڌ راڻي“ ۽ ”شهيد راڻي“ جهڙن خطابن سان پيٽا ڏني، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي خداداد ذهانت ۽ سياسي بصيرت جو سڄي دنيا اعتراف ڪيو آهي، سنڌ جي مٽي اهڙين عظيم ، اڏول ۽ مهان شخصيتن کي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجي شاندار ڪردار ۽ عمل وسيلي دنيا ۾ سنڌ کي وڏي مڃتا ڏياري آهي. اهڙن عظيم ڪردارن جي ڪري 5000 سالن واري تاريخ، تهذيب، تمدن جي وارث ڌرتي ڏٽين جو سدائين ڳاٽ اوچو رهيو آهي. اهڙن امر ڪردارن ۾ سنڌ راڻي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو نالو مُهڙ جي شخصيتن ۾ شامل آهي. ماڻهو تہ گهڻائي آهن دنيا ۾ ايندا ويندا آهن پر ڪجھ ماڻهو اهڙا هوندا آهن جن کي تاقيامت تائين وساري نٿو سگهجي ۽ سندن وڇڙڻ جو غم هميشہ رهي ٿو شهيد محترمہ بينظير ڀٽو بہ اهڙين ئي شخصيتن مان هڪ هئي جيڪا دلين ۾ راڄ ڪرڻ لاءِ پيدا ٿي هئي.

# تصويري جهلڪيون











